

# آواز جي گدلاڻ

شهزاد محمد عزيز

اسان پنهنجي چوڌاري طرح طرح جا آواز ۽ گوڙ ٻڌون ٿا. ڪٿي ماڻهن جي ڳالهين ڪرڻ وارا آواز، ڪجهه ٽرئفڪ جو شور، گهڙيءَ جي ٽڪ ٽڪ، ڪنهن جهاز جو آواز يا شايد ڪنهن مشين جي گڙ گڙاهٽ جو آواز. مطلب ته اسان جي چوڌاري ڪنهن نه ڪنهن قسم جو گوڙ ۽ شور رهي ٿو ۽ اسان جي معاشري ۾ شور جو مقدار هر سال وڌندو رهي ٿو.

فضائي ۽ پاڻيءَ جي گدلاڻ وانگر گوڙ جي گدلاڻ پڻ اسان جي شهرن ۾ بد کان بدتر ٿي رهي آهي. گدلاڻ جي عام تعريف هيءَ آهي ته اسان جي ماحول ۾ نقصان ڏيندڙ شين جي موجودگي پر گوڙ ان تعريف ۾ پوريءَ طرح نه ٿو اچي. جو ته گوڙ آهي ۽ وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن گوڙ گهمسان گهڻو هجي ته ڪنهن به ماڻهوءَ جي صحت متاثر ٿي سگهي ٿي مثال طور گهڻي عرصي تائين شور ٻڌڻ جي ڪري ماڻهو ٻوڙو ٿي سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته ڪن جي اندرئين حصي جا خليا (Cells) تباهه ٿين ٿا. گوڙ ٻين طريقن سان به جسم جي مختلف حصن تي اثر انداز ٿئي ٿو. گهڻي گوڙ جي ڪري جسم ۾ تبديليون اچن ٿيون. دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿي وڃي ٿي، رت جون ناليون سوڙهيون ٿي وڃن ٿيون. اکين جون پتليون ڦاٽي وڃن ٿيون ۽ گوڙ جي ڪري پيٽ جو سور به ٿي سگهي ٿو. تيز ۽ گهڻي گوڙ جي ڪري ماڻهن ۾ چڙ پيدا ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان دباءَ جي نتيجي ۾ السر ۽ هاءِ بلڊ پريشر جهڙيون بيماريون به پيدا ٿي سگهن ٿيون. حد ته اها آهي ته ڪڏهن ڪڏهن آهستي وارا آواز مثلن پري ملندڙ ٽرئفڪ جو گوڙ، ڪارخاني جي مشين جو آواز يا ڪنهن پاڙيسري جي اسٽيريو وغيره جو آواز پڻ انساني صحت تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان جي ڪري ننڊ ۾ خلل پوي.

پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ جتي فوري طور اثر ڪرڻ وارين آلودگين جي روڪ ۽ ڪنٽرول لاءِ به قدم نه کنيا وڃن، گوڙ جي گدلاڻ کي قابل قبول سطح تي رکڻ وارا قدم ته ترجيحن جي فهرست ۾ سڀ کان هيٺ اچن ٿا.

هڪ اهڙي ملڪ ۾ جتي سيوريج جو گندو پاڻي ٽريٽمينٽ کان سواءِ سڌوسنئون دريائن ۽ سمنڊ ۾ وهايو وڃي، جتي زير زمين پاڻيءَ جا ذخيرا گدلاڻ کان غير محفوظ هجن، جتي صنعتون ۽ گاڏيون مسلسل زهريلو دونهون اڇلائي رهيون هجن ۽ ڪنهن جي پيشاني تي گهنج به نظر نه ٿو اچي، اتي گوڙ جي گدلاڻ جو خيال رکڻ ته تمام پري جي ڳالهه آهي. عوام جي بي علمي ۽ حڪومت جي بي حسي جي ڪري پاڪستان ۾ گوڙ واري گدلاڻ جا خطرناڪ اثر وڌي رهيا آهن ۽ ان صورتحال مان ڇوٽڪاري لاءِ ڪجهه به نه ٿو ڪيو وڃي. ڪجهه فردن ۽ ڪجهه ادارن ان سلسلي ۾ تحقيق به ڪئي آهي پر ان تحقيق جا نتيجا ڊوڙ هيٺان دٻيل فائيلن جي ڍير ۾ ڪٿي دٻجي ويا آهن ۽ ان مسئلي کي غاليچي هيٺان لڪايو ويو آهي. جنهن جي نتيجي ۾ انهن فردن يا گروپن کي سواءِ مايوسيءَ جي ڪجهه به نه مليو آهي.

ڪجهه ملڪن گوڙ گهمسان تي ڪنٽرول جا قانون نافذ ڪري شور ۽ گوڙ جي سطح گهٽ ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. مثال طور برطانيه ۾ اها سختيءَ سان پابندي ڪئي وئي آهي ته هڪ ٽرڪ ڪيتري حد تائين شور ڪري سگهي ٿي. جاپان هر قسم جي مشينري ۽ گاڏين جي شور لاءِ هڪ حد مقرر ڪري ڇڏي آهي. ٽوڪيو جي مصروف علائقن ۾ لڳل سائن بورڊ ٻڌائيندا آهن ته هن وقت گوڙ جي سطح ڪيتري آهي، اهڙي طرح عوام گوڙ ۽ شور جي گدلاڻ کان باخبر رهن ٿا.

پاڪستان ۾ گوڙ جي گدلاڻ جي روڪٿام لاءِ اڃا تائين ڪجهه به نه ڪيو ويو آهي سواءِ چند تحقيقاتي سيمينارن جي. موجوده صورتحال ۾ ان ڳالهه جي اشد ضرورت آهي ته عوام ۾ گوڙ جي گدلاڻ جي باري ۾ شعور پيدا ڪيو وڃي.

موجوده تحقيقي مطالعو ان ڪري شروع ڪيو ويو هو ته ان جي تحقيق ڪئي وڃي ته ڪراچيءَ ۾ سائٽ جي صنعتي علائقي ۾ صنعتن جي گوڙ جي ڪري ٻوڙائپ وڌي رهي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ مخصوص طريقي هيٺ ٽيڪسٽائيل جي ٽن ڪارخانن اي، بي، سي جي چونڊ ڪئي ويئي ۽ ٽنهي ڪارخانن مان اتفاقي انداز ۾ ٽن صنعتي ڪارڪنن کي نموني جي طور تي چونڊيو ويو. گوڙ هڪ ناپسنديده ۽ ناخوشگوار آواز آهي جيڪو ڪن کي نقصان پهچائي ٿو.

گهڻو شور ٻڌڻ نقصانڪار آهي. ان سان عارضي طور (Thresh hold shift) (T.H.S) پيدا ٿئي ٿو ۽ وقت گذرڻ سان گڏ هي نقص مستقل ٿي وڃي ٿو ۽ ڪن جي اندروني حصن کي ناقابل تلافي نقصان پهچي ٿو.

ٽنهي ڪارخانن جي مالڪن ان ڳالهه جي مزاحمت ڪئي ته انهن جي ڪارخانن ۾ گوڙ ۽ شور جي سطح رڪارڊ ڪئي وڃي. ڪافي ڳالهه ٻولهه کان پوءِ تحقيق ڪرڻ وارن کي اجازت ملي ته اهي "سائونڊ ليول ميٽر" جي مدد سان ڪارخاني جي مختلف جڳهن تي گوڙ جي سطح رڪارڊ ڪن. ٽنهي ڪارخانن ۾ شور جي سطح 90 ڊيسي بل (اي) کان وڌيڪ هئي، جيڪا صحت جي عالمي اداري ۽ آئي ايل او جي سفارش ڪيل وڌ کان وڌ حد کان به ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ آهي ٽيهن ڪارڪنن (هر اداري مان ڏهه) جي ٻڌڻ واري قوت جو جائزو ورتو ويو. ان مان 56.67 سيڪڙو ڪارڪن گوڙ جي ڪري پيدا ٿيندڙ ٻوڙائپ Noise induced (NI HL) hearing loss جو شڪار هئا.

ان ڳالهه جي شديد ضرورت آهي ته صنعتي ڪارڪنن ۾ گوڙ جي باري ۾ شعور پيدا ڪيو وڃي ۽ صنعتي ادارن جي مالڪن کي گوڙ جي ڪري ٻڌڻ واري قوت کي پهچندڙ نقصان کان آگاهه ڪيو وڃي. ان کان سواءِ حڪومت ۽ قانون ساز ادارن کي اسيمبلين ۾ اهڙي قانونسازي ڪرڻ گهرجي جنهن جي ذريعي گوڙ جي سطح کي ڪنٽرول ڪيو وڃي ۽ ٻڌڻ واري قوت کي نقصان پهچڻ جي صورت ۾ ڪارڪنن کي معاوضو ڏنو وڃي. صنعتي ادارن ۾ ٻڌڻ جي باري ۾ ڳالهه ٻولهه جا پروگرام شروع ڪرڻ سان به ان سلسلي ۾ گهڻي مدد ملي سگهي ٿي.

xxxxxxxx

وسيلن کي ضرورت مطابق استعمال ڪندو هو. فطرت جي ٻين وسيلن جي ضرورت پوري ڪندو هو. يعني جڏهن ان کي بک لڳندي هئي تہ وڻن جا ميوا کائيندو هو ۽ ضرورت وقت سمنڊ مان مڇي ۽ جانورن جو شڪار ڪندو هو. جڏهن باهہ کي ايجاد ڪيائين تہ ڪاٺيون صرف ضرورت آهر ڪٽيندو هو پر جڏهن ضرورت جي جڳهہ منافعي ورتي تہ اهو ئي انسان جيڪو قدرتي وسيلن کي ضرورت آهر استعمال ڪندو هو اهو ئي هاڻي قدرتي وسيلن کي منافعي جي اک سان ڏسڻ لڳو. يا هيئن چئون تہ ڪالهہ جو انسان فطرت جو حصو هو پر اڄ فطرت جي دائري کان ٻاهر نڪري ٻين قدرتي وسيلن کي يا فطرتي مخلوق کي پنهنجي وجود جو هڪ حصو سمجهڻ بجاءِ پنهنجي ذاتي خواهشن جي لاءِ هڪ ذريعو سمجهڻ لڳو. ان تصور هڪ مذهب معاشري ۾ رهڻ جي باوجود ڪيس هڪ درندو بڻائي ڇڏيو آهي.

هڪ طرف طاقتور انسانن ڪمزور انسانن کي هڪ طرف ڌڪي وڏن وڏن چراگاهن کي هڙپ ڪري پوءِ انهن زمينن کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ شروع ڪيو ۽ اتي رهندڙن کي پنهنجو غلام بڻايو. انهن ماڻهن خدا جي زمين تي هر هلائي اَن اپايو پر نفعو طاقتور ماڻهن کي مليو. "جيڪو ڪيڙي سو کائي" وارو تصور ختم ٿي ويو. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" واري تصور جنم ورتو. اهڙي طرح وڏيون وڏيون جاگيرون جاگيردارن جي هٿ اچي ويون، محڪوم قومن ۽ ڪمزور قبيلن جي زمينن تي طاقتور ۽ مسلح قبيلن قبضو ڪري ورتو.

ٻئي طرف قدرتي وسيلن جو بيجا استعمال شروع ٿيو ۽ جڏهن مشينون ايجاد ٿيون تڏهن جاگيرداريءَ جي جڳهہ سرمائيداريءَ ورتي. انسان جي هٿان انسان جي استحصال ۾ ڪوبہ فرق نہ پيو. ان ۾ نواڻ اها آئي تہ هاڻ طاقتور قومن ۽ ملڪن غريب ملڪن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ غريب ملڪن جي ڪچي مال جي ذخيرن کي پنهنجي ڪارخانن ۾ استعمال ڪري نئين شڪل ڏئي قبضي هيٺ آيل علائقن جي منڊين ۾ پنهنجو مال کپائڻ شروع ڪيو. جنهن سان سامراجيت جو بنياد پيو ۽ ٻئي طرف قدرتي ذريعن جي بي حساب استعمال ۽ آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءَ سبب قدرتي وسيلن جي کوٽ پيدا ٿي. وڻ جيڪي انساني ضرورتن کان وڌيڪ استعمال ٿيندا هئا، اهي ڪارخانن جي خوراڪ ٿيڻ لڳا. ڪالهہ جيڪا زمين برساتن تي آباد ٿيندي هئي اتي انسان جي وڌيڪ نفعي واري سوچ آبپاشي نظام کي جنم ڏنو جنهن ڪري سم ۽ ڪلر پيدا ٿيو. مڇيءَ بہ انڊسٽريءَ جي شڪل اختيار ڪئي ۽ گوشت مارڪيٽ جي زينت بڻجي ويو. ٻيلن جي واڍي شروع ٿي، جهنگلي جانور پکي ۽ ساموندي مڇي ختم ٿيڻ لڳي. زمينون ويران ٿيڻ لڳيون، ڪاڏين جي دونهين ۽ گندگيءَ انسان جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو تہ ٻئي طرف صنعتي علائقن مان نڪرندڙ دونهين صنعتي گدلاڻ کي جنم ڏنو جنهن ڪري اوزون ۾ سوراخ ٿيو ۽ گرمي وڌڻ لڳي. اهڙيءَ طرح اسان جي خوبصورت دنيا جو فطرتي نظام جيڪو جنت جهڙو هيو ذاتي ملڪيت، جاگرداري ۽ سامراجيت جي ڪري تباهيءَ طرف وڃي رهيو آهي، جتي نہ صرف قدرتي وسيلا تباهہ ٿي رهيا آهن پر جديد هٿيارن جي بي پناهہ استعمال، وڌ کان وڌ منافعي ۽ ذاتي ملڪيت جي خواهش انساني قدرن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

هاڻي ترقياتي منصوبن ۾ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمن جي ذميواري آهي تہ اهي پنهنجي خوبصورت دنيا جو تحفظ ڪن، قدرتي وسيلن جو بچاءُ ڪن، انساني قدرن کي ٻيهر زندهہ ڪن، هر هڪ کي پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ جو حق ڏيڻ، حاڪم ۽ محڪوم جو فرق ختم ڪرڻ ۽ اهڙي نظام لاءِ جدوجهد ڪن، جتي آزادي هجي، برابري هجي، بغير ڪنهن جنسي، مذهبي ۽ ٻوليءَ جي فرق جي هر ماڻهوءَ کي بنيادي سهوليتون حاصل هجن.



# ٻيلا ڇو غائب ٿي رهيا آهن؟

**پاڪستان ۾ ٻيلن جي خاتمي جا ٻہ وڏا بنيادي سبب آهن.**

* ٻيلن جو وڍجڻ اهو خيال رکڻ کان سواءِ تہ ان سان زمين ۽ ٻي نباتات کي ڪهڙو نقصان ٿيندو ۽ ڪٽيل وڻن جي جاءِ تي نوان وڻ نہ پوکڻ.
* ٻيلن تي ماڻهن ۽ چوپائي مال جو دٻاءُ ۽ وڻن کي عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ ۽ چاري (مال جي خوراڪ) حاصل ڪرڻ لاءِ ڪپيو پيو وڃي. وڻن کي باهہ ڏيئي ساڙيو وڃي ٿو تہ جيئن پوءِ انهن کي وڍيو وڃي. جڏهن وڻ ڪپيا وڃن ٿا تہ ننڍا ٻوٽا جانور کائي وڃن ٿا ۽ وڻ وڏا ٿي نہ ٿا سگهن.

مريءَ جي پهاڙين، گلگت، سوات ۽ ڪاغان جي وادين ۾ ٻيلن کي سڀ کان وڌيڪ خطرو انهن علائقن جي ماڻهن مان آهي. چترال، آزاد جموں ۽ ڪشمير ۽ اترين علائقن ۾ ٻيلا تجارتي ڪاٺ جي واڍي ۽ عوام جي دٻاءُ ٻنهي سببن جي ڪري تيزيءَ سان ختم ٿي رهيا آهن.

## بنيادي حقيقتون

* پاڪستان جي ٻيلن جي پکيڙ جو 28 سيڪڙو پيداواري ٻيلن تي مشتمل آهي جڏهن تہ 72 سيڪڙو حفاظتي ٻيلا آهن، جن جي ڪاروباري اهميت نہ آهي يا تمام گهٽ آهي.
* پاڪستان ۾ ٻيلن جي خاتمي جا ٻہ وڏا سبب متبادل وڻ پوکڻ کان سواءِ تجارتي مقصدن لاءِ ٻيلن جي ڪٽائي ۽ غريب هارين ۽ انهن جي جانورن جو ٻيلن تي دٻاءُ آهن.
* پاڪستان ۾ هن وقت پرائيويٽ فارم لينڊز مان سرڪاري ٻيلن جي مقابلي ۾ چار ڀيرا وڌيڪ عمارتي ڪاٺ ۽ نو ڀيرا وڌيڪ ٻارڻ لاءِ ڪاٺ مهيا ڪيو وڃي ٿو.
* ٻيلن جي خاتمي سان مٿين علائقن ۾ زمين جي مضبوطي ۽ استحڪام خطري ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ پاڻي مان بجليءَ جي پيداوار ۽ آبپاشي نظام کي بہ خطرو ٿئي ٿو.
* ٻيلن جي خاتمي سان دنيا ان حياتياتي اوسر کان محروم ٿي وڃي ٿي، جنهن تي ان جو لازمي دارومدار آهي.
* ڪجهہ علائقن ۾ ٻيلن جي تحفظ، انتظام ۽ نون وڻن جي پالنا لاءِ مقامي طور تي ڪيون ويندڙ ڪوششون ڪامياب ٿي رهيون آهن پر قومي سطح تي هاڻي تائين ان سلسلي ۾ ڪا بہ وڏي ڪاميابي ڪونہ ٿي آهي.
* ڳوٺاڻيون عورتون جن جي خاندانن جو وڏي حد تائين ٻيلن يا وڻن جي پيداوار تي دارومدار آهي، ٻيلن جي تحفظ جي پروگرام جون وڌيڪ مددگار ثابت ٿيون آهن.

اهڙي طرح بنيادي سطح تي منصوبن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ غير حڪومتي تنظيمون وڌيڪ مؤثر ثابت ٿيون آهن.

# مهربان پڙهندڙ لکن ٿا...

"شهري" جي مهربان پڙهندڙن جنهن ريت سنڌي نيوز ليٽر کي پسند ڪيو آهي، ان لاءِ اسان سندن ٿورائتا آهيون ۽ سندن پنهنجائپ واري احساس مان اتساهه وٺندي "شهري" ۾ ڪين پليڪار چئون ٿا. اميد آهي ته اڳتي به پنهنجائپ جو اهو جذبو قائم دائم رهندو ۽ "شهري" ڪٽنب وڌندو رهندو. هن نيوز ليٽر ۾ اسان پنهنجا ئي شهري ۽ ٻهراڙيءَ جا ماحولياتي مسئلا هڪبئي کي ٻڌايون ٿا ۽ هڪ ٻئي جي تجربن ۽ سهڪار سان انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. "شهري" جا صفحا سڀني ماحولياتي رپورٽن ۽ تجويزن لاءِ حاضر آهن. (شهري)

***

مان توهان جو تمام ٿورائتو آهيان جو توهان پنهنجو ٽماهي نيوز ليٽر "شهري" اسان جي تنظيم لاءِ اماڻيو آهي. اسان کي اميد آهي ته توهان جو پورو سهڪار اسان کي ملندو رهندو. توهان جي ڪاميابين لاءِ دعائون ۽ نيڪ تمنائون.

توهان جو مخلص
شهزادو خاصخيلي (صدر)
سنڌ يوٿ ويلفيئر آرگنائيزيشن سکر

***

اسلام عليڪم

اوهانجو "شهري" مليو. ان ۾ منڇر بابت مواد ڏاڍو وڻيو. "سنڌ جا ماحولياتي مسئلا" ۽ ماحوليات دشمنن بابت بدر ابڙي جو مضمون، قدرتي پاڻ سان پوکيءَ جي مقبوليت ۽ مضمون "ماحول لاءِ انجنيئر" ڏاڍا وڻيا. توهان جيڪي ڪجهه سنڌيءَ ۾ ڇاپيو آهي، ان سان پڙهندڙن کي گهڻي سهوليت ٿيندي. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. اوهان کي مبارڪون هجن.

دعائن سان
منير احمد چانڊيو
سنڌ رورل ورڪرس ڪوآپريشن آرگنائيزيشن ٺٽو

***

مون کي توهان جو خط توهان جي نيوز ليٽر سميت پهتو. ان ئي گهڙيءَ ۾ مون فيصلو ڪيو ته مان توهان سان رابطو ڪندس. اٿون پنهنجي ۽ Mawa پاران توهان جي اداري جو ٿورائتو آهيان. انشاءَالله توهان اسان جي علائقي جي مسئلن بابت رپورٽ ۽ تصويرون جلد وصول ڪندا. ماحولياتي گندگي ۽ مسئلن بابت ٻارن ۽ نوجوانن ۾ سجاڳي آڻڻ يقينن ڪو سولو ڪم نه آهي. اسان ان سلسلي ۾ دل ۽ جان سان ڪم ڪيو آهي. هتي اٿون ڪجهه اخباري تراشا ۽ هڪ ننڍي رپورٽ اماڻيان پيو جنهن ۾ اسان جي تنظيم جي ڪارڪردگي تحرير ٿيل آهي. اسان جي تنظيم Mawa توهان کي هن علائقي جي دوري جي دعوت ڏئي ٿي.

جنرل سيڪريٽري
محمد عالم ويلفيئر ايسوسيئيشن
ميرپور ماٿيلو

***

"شهري" جي طرفان توهان جو نيوز ليٽر ۽ خط مليا. مان پنهنجي تنظيم جي پاران توهان جو ٿورائتو آهيان. نيوز ليٽر ۾ تمام اهم موضوعن تي مضمون ۽ رپورٽون شامل آهن. اميد آهي ته هي سلسلو جاري رهندو.

توهان جو مخلص
عبدالرحمان جسڪاڻي
جنرل سيڪريٽري تنظيم فلاح و بهبود ڳوٺ ديبي، تعلقو ٺري ميرواهه
ضلعو خيرپور

***

اسلام عليڪم

توهان پاران جاري ڪيل نيوز ليٽر مليو. پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. اٿون توهان جي تعاون جو نهايت ٿورائتو آهيان. اميد آهي ته اڳتي به اهڙو تعاون جاري رهندو. اسان جي تنظيم سماجي ڪمن ۾ ڀرپور حصو وٺندي آهي. توهان جو تعاون جاري رهيو ته رسالي لاءِ مواد موڪلبو.

محمد صديق ميمڻ (صدر)
انجمن غلامانِ مصطفيٰ ويلفيئر سوسائٽي - چوهڙ جمالي

***

مٺي (ضلعو ٿرپارڪر) جي ماحولياتي مسئلن بابت ڪجهه حقيقتن جي نشاندهي ڪجي ٿي. اميد آهي ته نيوزليٽر ۾ جاءِ ملندي. گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو سرشتو آزار بڻجي ويو آهي ۽ پاڻيءَ جا ٽانڪا بند آهن. توهان کي خبر آهي ته مٺي ٿرپارڪر ضلعي جو هيڊ ڪوارٽر آهي. شهري رٿابنديءَ جو ڪم سروي کان سواءِ ٿيو آهي. گٽر لائين جون وڏيون ڍوڍيون مکيه جاين تي ٺاهيون ويون آهن. جنهن ڪري مٺي هاءِ اسڪول، مٺي پرائمري اسڪول ۽ نارٿ ڪالوني هاءِ اسڪول جا شاگرد ۽ آباديءَ ۾ رهندڙ ماڻهو بدبوءِ ۽ جيوڙن جو شڪار آهن. چوطرف گندو پاڻي بيهي وڃي ٿو، مکين ۽ مڇرن جي افزائش جو چڱڪ وڏي پيماني تي هٿرادو بندوبست ڪيو ويو آهي.

ٽائون ڪميٽي ڪارگر نه آهي. صحت صفائي ۽ روشنيءَ جو مسئلو آهي. شهري ادارا ڪوٽ جو شڪار رهن ٿا جنهن ڪري هڪڙا شهري ادارا ٻين ادارن جون سهوليتون بند ڪري ڇڏين ٿا. مثال طور واپڊا جا بل نه ڀرڻ ڪري ٽائون ڪميٽيءَ جي بجلي بند ٿي وڃي ٿي ۽ گندي پاڻي جو نيڪال بيهجي وڃي ٿو. مسئلو ته عوام کي ڀوڳڻو پوي ٿو. مقامي ادارن جي باهمي سياست جو هڪ مثال ٽائون ڪميٽي ۽ پبلڪ هيلٿ وارن جي جنگ آهي جنهن جو نقصان فقط شهرين کي ٿئي ٿو.

هڪ پاسي صفائي جو سرڪاري انتظام اڌورو آهي ٻئي پاسي شهر ۾ شهري گندگي ڏينهون ڏينهن وڌ آهي. انهن ئي گندين گلين ۾ ڪاسائي گوشت وڪڻن ٿا ۽ ڇيڇڙا اڇلائين ٿا. يونيسيف جي مدد سان ٺهيل ٽانڪا ٽائون ڪميٽي سنڀالي نه سگهي آهي، اهڙيءَ ريت لکين رپين جو خرچ بيڪار ٿي ويو آهي. ڪي به چار ٽانڪا هلن ٿا جيڪي وڏن سيٺين ۽ بااثر ماڻهن کي پاڻي پهچائين ٿا. غريب آباديءَ وارن کي پاڻي جو دلو به ٻن کان ٽن رپين ۾ ملي ٿو. ان سلسلي ۾ سومرا ڪالوني، نارٿ ڪالوني ۽ رند ڪالوني وڌيڪ متاثر آهن.

مخلص
حمزو خان رند
آرگنائيزر- اصلاح معاشره پاڪستان
مٺي

***

'شهري' جو سنڌي نيوز ليٽر (مارچ کان جنوري 1996ع) موصول ٿيو، ياد فرمائڻ تي تهه دل سان ٿورائتو آهيان، مذڪوره نيوز ليٽر ذريعي 'شهري' جي سرگرمين بابت آگاهي ٿي، ۽ سنڌ جي ماحولياتي مسئلن تي لکيل بهترين مضمون پڙهڻ جو موقعو مليو. انهيءَ کان سواءِ پاڪستان ۾ اين- جي- اوز تحريڪ جي معاشرتي ۽ معاشي ڪردار جي نشاندهي ڪندي 'پاڪستان جون غيرسرڪاري تنظيمون ٻه واٽي تي' جي عنوان سان جناب عمر اصغر خان جو مضمون پڻ بيحد پسند آيو.

اسان پنهنجي تنظيم جي پليٽ فارم تان پنهنجي مدد پاڻ تحت علائقي جي ماڻهن جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهيون، اسان هاڻ منشيات ۽ ماحول جي گدلاڻ خلاف ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا. ماحوليات جي حوالي سان اميد ڪريان ٿو ته اسان سان مڪمل تعاون ۽ رهنمائي ڪرڻ فرمائيندا ۽ وقت به وقت پنهنجن قيمتي مشورن سان نوازيندا رهندا.

ميمڻ ويلفيئر ايسوسيئشن
ٽنڊو الهيار

***

اوهان جو موڪليل بهتر ماحول جي لاءِ 'شهري' رسالو جنوري کان مارچ 1996ع تائين مليو. تمام سٺي نموني سان شايع ٿيل آهي، ان ۾ اندر تمام سٺا مضمون لکيل هئا، جن کي پڙهي ماحول کي بهتر بنائڻ لاءِ سٺي ڄاڻ حاصل ٿي، اميد ته اڳتي اهڙي قسم جا رسالا جلدي جلدي شايع ڪندا رهندا ته اسان جو ماحول بهتر ٿي ويندو.

ان نيڪ ڪم ۾ اسان جي مدد جي ضرورت پوي ته اسان حاضر آهيون.

محمد يوسف سوڍر
عابد حسين سوڍر
سوڍر ويلفئير ايسوسيئشن ميهڙ

*جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته آئندي "شهري" نيوز ليٽر توهان کي سنڌي طرح ملندو رهي ته مهرباني ڪري پنهنجي مڪمل ائڊريس صاف سٽرن اکرن ۾ لکي اماڻيو.*

